

# "ڪلهوڙا دَور حڪومت"

## (هڪ اڀياس)

ايم. ايڇ. پنهور

**ڪلهوڙن** جي دَور تي مفصل ڪم غلام رسول مهر ڪيو هو، جنهن جو ڪتاب اردو زبان ۾ سنڌي ادبي بورڊ ٻن جلدن ۾ 1958ع ۾ ڇپيو هو. بعد ۾ اُن جو سنڌي ترجمو به نڪتو. چاليهن سالن جي وڏي وٿيءَ کان پوءِ ان دَور تي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو هيءُ هڪ نئون اڀياس ڇپيو آهي. "ڪلهوڙا دور حڪومت" جو انتساب مسٽر مظهرالحق صديقي (وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي) ۽ ايم.ايڇ.پنهور (يعني مون کي) ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ هيءُ ڪتاب جائزي هيٺ دَور تي هڪ "ڪلاسڪ" جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جا 102 سال مطالعي ۾ آندا ويا آهن، جنهن ۾ ڪلهوڙن جي عروج کان وٺي زوال تائين، سمورا پهلو ڀرپور بحث هيٺ آيا آهن. انهيءَ نوعيت جو هيءُ پهريون منفرد ڪتاب آهي. هي ايڏو ته اهم ڪتاب آهي جو آءٌ سوچيان ٿو ته ڇا آءٌ اُن جو حقدار آهيان ته مون ڏي هي ڪتاب منسوب ڪيو وڃي؟ (مون کي ان ڳالهه تي بار بار تعجب ٿئي ٿو!) سقراط هڪ ڀيري چيو هو ته: "مون کي ماڻهو ڏاهو انڪري چون ٿا، جو آءٌ ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان." حقيقت ۾ هي ڪتاب هڪ پي.ايڇ.ڊي ٿيسز تي مبني آهي، جنهن جي قبوليت تي مصنف کي سنڌ يونيورسٽي 1999ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني هئي. ڪتاب ڇپرائڻ وقت ضرورت آهر اُن ۾ واڌارا ۽ درستيون به ڪيون ويون آهن. هيءُ ڪتاب انجمن اتحاد عباسيه ڪراچي پاران اسلم عباسيءَ 2004ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. ان ڏس ۾ اُن جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر شفقت حسين عباسيءَ پڻ خاص دلچسپي ورتي. هاڻي هن دَور بابت هر پهلوءَ تي ڪوڙ سارو پيرائتو مواد ميسر ٿيو آهي، جن بابت ۽ پڻ لاڳاپيل ڪجهه موضوعن بابت اسان جي ڄاڻ ناڪافي هوندي هئي، جو اهو ڏکيو ڪم آهي ته ڪلهوڙن جي دَور جي ڪنهن باب يا اُن جي ذيلي عنوان بابت ڀرپور ڄاڻ پڙهندڙن کي پيش ڪجي. موجوده دَور ۾ تحقيق جا زاويا بدلجي ويا آهن. ميداني مشاهدن ذريعي معلومات گڏ ڪرڻ، موجوده دَور ۾ تحقيق ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿي آهي. مون کي ان ريت ڪم ڪرڻ جو خاصو تجربو حاصل آهي، ڇو ته سنڌ بابت تحقيق جي گهٽي ڪوٽ پٽي رهي آهي.

آءٌ ڇهن سالن جو هئس ته 'سنڌ' جي موضوع ۾ منهنجي دلچسپي پيدا ٿي. اُن دَور ۾ منهنجي ڳوٺ ۾ بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا ڪرائڻ واريءَ تحريڪ جي برانچ کُلي هئي. مون اُن وقت کان ئي سوچڻ شروع ڪيو ته: سنڌ ڇا هئي؟ سنڌ ڇا آهي؟ ۽ سنڌ جو مستقبل ڇا هوندو؟ اُن وقت کان وٺي مون لاڳيتو سنڌ بابت هر تحرير پٽي پڙهي آهي، جنهن ۾ 'تاريخ' به شامل آهي، جنهن کي ته مون نهايت ئي ويچار سان مطالعو ڪيو آهي. اهڙا اڳاٽا ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيا ويا، يا بعد ۾ وري انگريزي زبان ۾ تحرير ٿيا، جن ۾ پنهنجي سمجهه موجب تاريخ لکي ويئي. ائين به آهي ته ماحول جي تبديل ٿيڻ سان يا وري معروضي صورتحال جي مناسبت سان به ڪي ڪتاب لکيا ويا. مصنف يا ته سرڪاري ملازم هئا، يا وري موقعي پرستن جا مداح هئا.

يورپ لاءِ ته اوڻيهين صديءَ جي وچ تائين 'سنڌ' هڪ معمو بنيل ملڪ هو. هن حقيقت کي چٽي ڪري، اهو سوچيو ٿي ويو ته فارسي ڪتابن جا اقتباس يا ترجما کي نيون حقيقتون ۽ سچايون ظاهر ڪندا. پر هاڻي اهڙي سموري

ڪوشش مايوس ڪندڙ ثابت ٿي.

ڏکڻ ايشيا ۾ مسلمان مؤرخن، بنواميه، بنوعباس، دهلي سلطنت ۽ مغل دَور کي 'اسلامي دَور' سڏيو آهي، جڏهن ته جداجدا رياستن ۾ مسلمان حاڪمن کي نظرانداز ڪندي، ڪين غير ضروري، گھٽ اهميت رکندڙ يا نالائق حڪمران سمجھيو ويو آهي. دهلي سلطنت يا پوءِ مغل شهنشاهت، مسلمانن کي فقط ٽيڪس (ڏن) ڏيڻ جي صورت ۾ برداشت ڪيو ٿي. اُنهن مقامي ماڻهن کي اڻ برابريءَ جي حوالي سان ڪين ٻئي درجي جو شهري قرار ڏنو ٿي. اسان جي سنڌ جي ڪجهه مؤرخن به ساڳي ريت جاري رکي. سنڌ ۾ اُميه ۽ عباسي حاڪمن جي خلاف 142 سال (712-854ع) بغاوت جاري رهي. اُن کان سواءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغل حاڪمن (1520-1737ع) جي خلاف سنڌ ۾ ٻن صدين کان به وڌيڪ عرصو مزاحمت ۽ خانه جنگي جاري رهي. اسان جي هڪ وڏي محقق لکيو ته ذڪر ڪيل مٿين دَورن ۾ ڪابه چوري نه ٿي ۽ نه وري ڦُر جي ڪا واردات ٿي، انڪري سنڌ اندر امن امان جي صورتحال بهتر ڏسجي ٿي. بنواميه ۽ بنو عباس جي 142 ساله حڪمرانيءَ دوران سنڌن 40 گورنر مقرر ٿيا. اُنهن مان سنڌ ۾ رهندي 21 قتل ٿيا، 13 معطل ٿيا ۽ صرف 6 عدد حاڪم پنهنجو عرصو مڪمل ڪري عربستان واپس پهتا، جن ۾ محمد بن قاسم به شامل هو. سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي خلاف به صديون جاري ويڙهه ڪي پوري طاقت سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ڇو ته مقامي مسلمان ويڙهاڪ حڪمرانن جي لاءِ 'ڪافر' هئا، جن کي طاقت ۽ تلوار سان نابود ڪرڻ جي ڪوشش ضروري سمجهي وئي. مغل صوبي ۾ مقامي خانه جنگين سبب، 1600ع ۾ گڏ ٿيل ٽيڪس جي ڀيٽ ۾، 1665ع ۾ ويهه سيڪڙو گھٽ محصول گڏ ڪيو ويو هو.

اسان کي پير حسام الدين راشديءَ جو شڪر گذار ٿيڻ کپي، جنهن "تاريخ مظهر شاهجهاني" ايڊٽ ڪري ڇپرائي، مغل انتظاميا کي سنڌ ۾ واکي ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪئي. راشدي صاحب جي مثالي تحقيق هڪ اهڙي ڪتاب تي مدار رکي ٿي، جنهن جو مصنف هڪ مغل حاڪم جو پٽ ۽ ٻئي مغل گورنر جو ڀاءُ هو! پير صاحب "مڪلي نامه" وانگر "تحفة الڪرام" جو فارسي متن به وڏيءَ محنت سان تيار ڪيو، جنهن ۾ همعصر تاريخن، سوانحي ذخيرن، خطن، سَندن، مُهرن ۽ شاعرن جي انتخاب ذريعي، تمام گھڻا وضاحتي حاشيا شامل ڪيائين. پر هيءَ محنت پنجٽيهه سال گذرڻ کان پوءِ به ترجمو نه ٿي سگهي آهي، جو عام ٿئي. اسان وٽ هڪ ڪتاب "بيگلارنامه" به آهي، جنهن ۾ ارغون- ترخان دَور جي هڪ جاگيردار جو احوال وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. پر سچ ته اُن ۾ تاريخي جاگرافيءَ لاءِ گھڻو مواد موجود آهي. رستا، ڳوٺ، شهر، ڍنڍون، واهه، قبيلا ۽ طرز زندگي- ان لحاظ کان "بيگلارنامه" هڪ اهم ڪتاب آهي. هي ڪتاب به اڃا ترجمو نه ٿيو آهي. اها ڪٽڪندڙ حقيقت آهي ته سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان "سنڌ جي تاريخ" جي حوالي سان پنهنجي فرض جو نڀاءُ اڃا باقي آهي.

هاڻي اسين ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ سندس ڪتاب "ڪلهوڙا دَور حڪومت" جي باري ۾ گفتگو ڪنداسين. سندس ڪتاب "سمن جي سلطنت" سترهن سال اڳ ڇپيو هو. اُن بعد ساڳيو ڪتاب واڌارن ۽ سڌارن سان 1996ع ۾ شايع ٿيو. [هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو تازو 2005ع ۾ وري نڪتو آهي] هن وقت پاڻ موجوده دَور جي سنڌ جي مؤرخن ۾ پهرينءَ صف ۾ شمار ٿئي ٿو. هي محقق طور هڪ کُليل ذهن وارو، غير متعصب ۽ مضبوط استدلال رکندڙ عالم آهي. پاڻ پختن دليلن سان ناياب حقيقتون گڏ ڪري تاريخ کي جديد طرز تي پيش ڪرڻ جي لائق بنائي ٿو. انڪري مقامي توڙي غير سنڌي اسڪالر سندس تحقيقي ڪم جو قدر ڪن ٿا. منهنجي خيال ۾ تاريخ نويسيءَ ۾ واقعات جو تسلسل وڏي ۽ بنيادي اهميت رکي ٿو. صحيح معنيٰ ۾ هيءَ وات به اسان کي پير حسام الدين راشدي ڏيکاري. سنڌ جي تاريخ نويسي لاءِ هيٺين جزن جو هجڻ ضروري آهي:

1- واقعاتي لغت.
2- سياست.
3- انتظام، انتظامي يونٽ، پوليس ۽ انصاف.
4- آبپاشي ۽ زرعي پيدائش، سنڌو درياءُ جا رُخ
5- محصول.
6- مقامي توڙي پرڏيهي واپار.
7- سڪو.

8- تعليم.
9- ٻولي ۽ ادب- مقامي ۽ خارجي همعصر تاريخي دستاويز.
10- مذهب ۽ مذهبي تحريڪون.
11- آرٽ، فن تعمير ۽ قديم آثار.
12- پرڏيهي پاليسي
13- سياحن جا بيان
14- تذڪراتي لٽريچر، جو مقامي يا پرڏيهي تاريخ ۾ مددگار ٿئي.
15- هٿيار ۽ جنگي طور طريقو.
16- سائنس ۽ ٽيڪنالاجي.
17- ماحوليات ۽ اُن جو ذڪر هيٺ دَور تي اثر.

جيتوڻيڪ غلام رسول مهر اڪثر گهڻ جاتل ماخذن کي ڪم ۾ آندو، پر هو مٿي ذڪر ڪيل جزن کي پنهنجي لپيٽ ۾ نہ آڻي سگهيو، يا وري ڪٿي ڪٿي واقعن جو درست تجزيو بہ پيش نہ ڪري سگهيو. مهر جي جاکوڙ کان پوءِ اڪثر تاريخي ماخذ ڇپجي نروار ٿيا، انڪري 'ڪلهوڙا دَور' تي هڪ نئين، جامع ۽ جديد انداز فڪر تي ٻڌل ڪتاب جي گهڻي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو اسان سڀني سنڌين جي پاران مبارڪباد جو حقدار آهي، جنهن هن اهم ۽ ڏکئي ڪم کي خاطر خواهہ طريقي سان سرانجام ڏيندي، مٿي ذڪر ڪيل سترهن جزن (هڪ کان سواءِ) کي خوش اسلوبيءَ سان تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. پر هي هڪ 'اٿاهہ' ڪم آهي جنهن کي سچ تہ 400 صفحن جي ڪتاب ۾ مڪمل طرح سان پيش نہ ٿو ڪري سگهجي. بهرحال شاگردن لاءِ ۽ پڻ محققن لاءِ هڪ بنيادي راهہ هموار ڪئي وئي آهي. اميد آهي تہ مستقبل ۾ هن ڪتاب مان مدد وٺي موضوع کي اڳتي وڌايو ويندو.

هت هڪ اهم سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪلهوڙن، ٻين زميندارن کان زمينون ڪسي، ويهين صديءَ جي سوشلزم واري واٽ ورتي هئي؟ منهنجو خيال آهي تہ مصنف ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾ اُن تي روشني وجهندو. ڊاڪٽر رياض الاسلام جو تازو ڇپيل ڪتاب ڏيکاري ٿو تہ چوڏهين صدي عيسويءَ جا صوفي ڪيئن سرڪار کان زمينون 'مدد معاش' طور وٺندا هئا ۽ پوءِ پنهنجن مريدن کي سرڪار جي حق ۾ هموار ڪندا هئا. مغل سرڪار جي نظر ۾ ڪلهوڙا ڪي سُنا زميندار نہ هئا، پر هڪ ڳالهہ سندن فائدي ۾ هئي جو غريب هارين کي ڪارائڻ لاءِ ڪلهوڙن ڪڏهن بہ سرڪار کان مدد نہ ورتي: اُن بجاءِ ڪلهوڙن مقامي وڏن زميندارن جي زمينن کي والاريو. اُهي زميندار مغلن سان وفادار هئا ۽ سرڪار کي محصول ڏيندا هئا. ڪلهوڙن اهڙن زميندارن کان زمينون هٿ ڪري پنهنجن مريدن کي مستحڪم ڪيو. جيئن سرڪار سخت ردعمل ڏيکاريو، تيئن وڏيڪ مقامي ماڻهو ڪلهوڙن جا همدرد ٿيا ۽ سندن مريد ٿيا. بعد ۾ اهي ئي ماڻهو هئا جي مغل انتظاميا سان وڙهيا. هيءَ سموري صورتحال ڪلهوڙن جي صوفي هجڻ واري حقيقت تي روشني وجهي ٿي، جن دنياوي مفادن لاءِ مريد، دولت ۽ طاقت حاصل ڪئي. انهيءَ ڳالهہ تي ڊاڪٽر لاکي سان مون کي اختلاف آهي. جيتوڻيڪ اوائلي ڪلهوڙا درويش ضرور هئا، پر پوءِ بہ زمينن جي حاصلات سندن ترجيح رهي.

باب پهرئين ۾ مصنف جاگرافيائي پس منظر، سنڌو درياءُ ۽ سن 1520ع تائين، سنڌ جي تاريخ جو مختصر احاطو ڪيو آهي. باب ٻئي ۾ 1520ع کان 1737ع تائين سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو هڪ ڀرپور اڀياس ڏنو ويو آهي. هن دور ۾ سنڌ تي ارغونن، ترخانن ۽ مغل گورنرن جو راڄ هو. اڪبر، جهانگير، شاهجهان، اورنگزيب ۽ آخري مغل حاڪمن جي دَور ۾، 130 سالن جي عرصي ۾ ٺٽي تي 60 (سٺ) گورنر مقرر ٿي آيا. اُنهن مان ڪا بہ چڱائي پيدا نہ ٿي جو سنڌ جو پورو ملڪ گهرو لڙاين ۾ وڪوڙجي ويو. باب ٽيون سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي اُڀار بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ليکڪ جي تحقيق موجب ڪلهوڙا "مقامي" ماڻهو هئا ۽ اُنهن جو بنوعباس سان ڪو بہ تعلق نہ هو. مصنف موجب ميان آدم شاهہ 1600ع ۾ شهيد ٿيو. بعد ۾ ميان شاهل محمد اُڀريو، جنهن جي دَور ۾ سانگين ۽ ابڙن جي زمينن تي قبضا ٿيا. ان ريت ٽڪراءُ پيدا ٿيو. نيٺ شاهل محمد 1657ع ۾ هڪ معرڪي ۾ بکر جي نواب هٿان مارجي ويو. خانبهادر خداداد خان "لب تاريخ سنڌ" ۾ ائين لکيو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر لاکو بہ تسليم ڪري ٿو تہ گهاڙ واهہ جي تعمير ميان شاهل محمد ڪرائي هئي. هيءَ ڳالهہ درست ڪانهي. گهاڙ اصل ۾ سنڌو درياءَ جي اولاهين شاخ هئي، جنهن کي سمن

جي دَور ۾ اڀڙا قبيلي هڪ واهه جي شڪل ۾ تبديل ڪيو هو.
ڊاڪٽر لاڪي جي هيءَ راءِ درست آهي ته ميان نصير محمد ڦريون ڪلهوڙو حاڪم آهي، جنهن **1681**ع ۾ پنهنجي طاقت جي آڌار تي مقامي حڪومت جو بنياد رکيو هو. هن جو هي منطق قبول ڪرڻ کپي، ڇو ته اُن دَور ۾ هندستان موسمي تبديلين سبب سخت ڏڪار جي ورچڙهي ويو هو. انڪري **1600**ع جي پيٽ ۾ **1665**ع ۾ مغلن کي محصول جي گهٽ آمدني ٿي هئي. اُن دَور ۾ هندستان جي ڪجھ حصن ۾ حڪومت مخالف بغاوتون ٿي رهيون هيون. ميان نصير محمد جي حڪمت عملي هيءَ هئي ته مغل وفادار قبيلن جي زمينن تي قبضا ڪجن. ان ريت موجوده لاڙڪاڻي ضلعي، ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقن ۾ زمينون هٿ ڪري، ڪلهوڙا راڄ جو بنياد وڌو ويو، جيئن مصنف تفصيل ڏنا آهن. اها هڪ واضح حڪمت عملي هئي، ڇو ته اهي علائقا آسانيءَ سان آباد ٿي پئي سگهيا، باوجود ان جي ته درياءُ ۾ پلي گهٽ پاٽي هجي. سال **1932**ع کان **1962**ع تائين، سنڌ اندر بي ڪنهن به ايراضيءَ کي اهڙي آساني نه هئي، جڏهن بئريج وجي ٺهيا.
ان پس منظر ۾ ڊاڪٽر لاڪي درست جاڻ ڏني آهي ته: ڪابل، حسن ابدال ۽ پشاور ۾ خٽڪ ۽ يوسف زئي قبيلن، ڏکڻ هندستان ۾ مرهٽن، اٽڪل روءِ پوري هندستان ۾ هندن ۽ پنجاب ۾ سکن بغاوتون ڪيون هيون. اورنگزيب ملتان ۽ ٺٽي جي وائسراءِ جي حيثيت ۾ شهنشاهه شاهجهان کي سنڌ جي خراب حالتن کان باخبر رکيو هو. ڊاڪٽر لاڪو ٻڌائي ٿو ته اورنگزيب جي حڪم تي گرو تيغ بهادر کي ڦاسي ڏني وئي.
ان کان علاوه شهنشاهه جي مشڪلات جو ذڪر ڪندي وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته بيجاپور جي شيعه باد شاهت تي ناڪام حملا ڪيا ويا. شيواجي پاڻ کي شهنشاهه سڏايو، بعد ۾ سندس پٽ سميوجي به ساڳي ڪار ڪئي. اورنگزيب جو پٽ اڪبر (پيو) باغي ٿي والد جي سامهون ٿيو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اورنگزيب جي ڌيءُ زيب النساء پنهنجي ڀاءُ اڪبر جي هم خيال هئي، انڪري شهنشاهه ڌيءَ کي سموري زندگي گواليار جي قيد ۾ نظر بند رکڻ جو حڪم ڏنو. هنن حالتن باد شاهه کي مجبور ڪيو ته قيدي ميان نصير محمد کي مشروط آزاد ڪري. مصنف جو هي رايو قبوليت جوڳو آهي ته ميان نصير محمد قيد مان ڀڄي نه نڪتو هو، پر سندس آزادي ڪجھ شرطن هيٺ ٿي هئي.
مصنف تفصيل ڏنا آهن ته ڪلهوڙا هڪ طرف معامله فهمي طور وقتي مغلن سان صلح ڪندا هئا، ۽ ٻئي طرف زمينن ۽ طاقت جي واڌاري ۾ مشغول هوندا هئا هي طريقو ميان نصير محمد کان شروع ٿيو ۽ سندس وفات **1692**ع کان پوءِ به جاري رهيو. پر ميان دين محمد جي دَور ۾ وري دهليءَ سان ٽڪراءُ پيدا ٿيو. پر پوءِ به **1772**ع تائين، يعني ميان غلام شاهه جي زماني تائين، سنڌن دائره ڪار ۾ توسيع ٿيندي رهي. ليڪڪ ڊاڪٽر رياض الاسلام جي ڪتاب "اي ڪئلينڊر آف ڊاڪيومينٽس آن انڊو پرشن رليشنس" مان هڪ ناياب خط جو حوالو ڏنو آهي. ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته يارمحمد ڪلهوڙي کهڙن شرطن هيٺ حڪومت ورتي هئي. اُن مان ظاهر ٿئي ٿو ته صفوين جي پيٽ ۾ مغلن جي طاقت ڪمزور هئي، انڪري ڪلهوڙن کي اڳتي آندو ويو ته اُهي صفوين ۽ سرحدي علائقن تي نظر رکن. اهي نتيديون، پر اهم ڳالهيون عام طرح سان سنڌ جي تاريخن ۾ نظرانداز ٿيل آهن، پر هن ڪتاب ۾ اُنهن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهڙي هڪ ٻئي خط ذريعي پڻ مغلن ۽ نادر شاهه جي ڪلهوڙن لاءِ اختيار ڪيل پاليسي به سامهون اچي ٿي.
مصنف ڪاميابيءَ سان **1681**ع کان **1775**ع تائين ڪلهوڙن جي تختگاهن جو مطالعو پيش ڪيو آهي. خداآباد کي ڇڏڻ جو اصل ۾ محرڪ جذبو اهو هو ته سن **1749**ع ۾ ڦڪا ڳوٺ جي آسپاس خداآباد جي اولهه کان سنڌ نديءَ جي هڪ شاخ پنهنجو رُخ تبديل ڪيو هو. هاڻ اهو به معلوم ٿيو آهي ته **1740**ع صديءَ جو 'گرم ترين' ۽ **1760**ع 'سرد ترين' سال هئا، انڪري درياءُ جي وهڪرن ۾ تبديلي ايندي ٿي رهي. اهوئي دَور آهي جڏهن سنڌو درياءُ، هالا- نصرپور وارو رستو ڇڏي موجوده هالا- ڄامر شوري وارو رستو اختيار ڪيو. هي رستو پوءِ ڪوٽڙيءَ کان ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر تائين ويو ٿي. اها صورتحال ٿوري يا گهٽي مقدار ۾ هن ڏهاڪن تائين جاري رهي ۽ پوءِ سنڌو درياهه پنهنجو مستقل گس اختيار ڪري ورتو. اُن دَور ۾ درياءُ، هالا کان ڪيڏڻ ۽ لواريءَ طرف به هڪ رستو اختيار ڪري ورتو هو. اُن پس منظر ۾ نون واهن جي تعمير ۾ ٻارهن کان پندرهن سال لڳا. اُن کان پوءِ ڦريون ڪئنال **1772**ع ۽ **1775**ع جي وچ ۾ 'سرفراز واهه'

جي نالي ۾ تعمير ٿيو. درياءَ جي مستقل نڪاٽي نہ هجڻ سبب ڪلهوڙا پنهنجا تختگاهہ تبديل ڪندا رهيا، جن ڪي عارضي سرڪاري مرڪز (Camp sites) چوڻ ڪپي. اها ڳالهہ ڪي قدر تڪراري آهي، پر مصنف تاريخي اعتبار ڪان، نهايت مهارت سان اُن ڪي اُجاگر ڪيو آهي. ٻئي طرف دعويٰ ڪئي ٿي وڃي تہ حيدرآباد جو پڪو قلعو هڪ سال جي اندر يعني تہ **1768**ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو. مصنف جي اها تحقيق درست آهي تہ حيدرآباد ۽ پڪي قلعي جي تعمير ۾ هڪ سال ڪان وڌيڪ عرصو لڳو. ان ريت ميان غلام شاهہ ڪي اها تعميراتي سوڀ **1769**ع ۾ حاصل ٿي.

ڊاڪٽر لاکي پهريون ڀيرو اهو ٻڌايو آهي تہ محمد مراد ياب خان جي مسقط مان شادي ٿيل هئي، انڪري جڏهن پاڻ تخت ڇڏي ڀڄڻ جو ارادو ڪيائين، تڏهن پناهہ لاءِ مسقط جو انتخاب ڪيائين. ميان نورمحمد ڪان پوءِ سندس پٽن جو پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ جاگيردارن جو اُن دَور ۾ ادا ڪيل ڪردار بہ مصنف جي ڳوڙهي ڪوجنا ۾ شامل ڏسجي ٿو. درياءَ جي وهڪرن ۾ تبديليءَ سبب لاڙ ۾ لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿي ويئي، انڪري جاگيردارن اُنهيءَ ڪلهوڙي شهزادي جو طرف ٿي ورتو، جيڪو کين ڪجهہ فائدو ڏئي ٿي سگهيو. جاگيردارن جو تقسيم ٿيل ڪردار مفصل بحث هيٺ آندو ويو آهي. ان ريت **1754**ڪان **1759**ع تائين، پوءِ **1759** ڪان **1775**ع تائين ۽ آخر ۾ **1775**ع ڪان **1783**ع تائين جي سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتن جو مڪمل احاطو ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر جيمس برنس جي هڪ رپورٽ جي آڌار تي مصنف اوير پُراڻ تي ميان غلام شاهہ پاران بَند ڏيارڻ ۽ ان ريت ڪڇ ۾ لکپت لاءِ زرعي پاڻي منقطع ڪرڻ واري ڳالهہ ڪي بہ بحث هيٺ آندو آهي. اهو بيان درست تہ آهي پر اُن جو پس منظر اُهو ڪونهي جيڪو برنس ٻڌائي ٿو. حقيقت ۾ ناري يا هاڪڙي ۽ پڻ پراڻ ۾ دريائي اُتل پٿل سبب پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب ميان غلام شاهہ ڪي مجبوراً ائين ڪرڻو پيو تہ جيئن سنڌ جي زمينن لاءِ پاڻي دستياب ٿي سگهي، انڪري سنڌ جي دُورانديش حاڪم جي اُن عمل ڪي انتقام سڏڻ درست نہ ٿو لڳي. هر مصنف وانگر لاکو صاحب بہ ان ڳالهہ ۾ پروسو رکي ٿو تہ نيرون ڪوٽ جي پراڻي ماڳ تي حيدرآباد جو شهر تعمير ڪيو ويو هو، پر برٽش دور ۾ جديد حيدرآباد جي اڏاوت وقت ٿيل ڪوٽاين مان ڪا بہ قديم شيءِ ڪانہ لڌي آهي، جا هن بيان جي تصديق ڪري. انڪري هن باري ۾ وڌيڪ تحقيق ٿيڻ ڪپي.

مصنف ڪلهوڙن جي زوال تي مفصل روشني وجهندي، سنڌ جي سرحدن، انتظامي سرشتي ۽ سياسي جوڙجڪ بابت بہ مفصل مطالعو پيش ڪيو آهي. دلچسپ پهلو اهو آهي تہ **1657**ع ڪان **1750**ع تائين، ڪلهوڙن جي جدوجهد ۽ اُڀار جا مرڪز دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾، درياءَ جي اولهہ ۾ وچ سنڌ ۾ ڏسجن ٿا، جن ڪي ليکڪ ڪلهوڙن جا تختگاهہ ڄاڻائي ٿو. مصنف سٺ انتظامي يونٽ بيان ڪري ٿو. تقريباً اهي ئي ساڳيا يونٽ پوءِ برٽش دَور ۾ تعلقن جي روپ ۾ نروار ٿيا. ان ريت وسهڻ ڪپي تہ ڪلهوڙن جي انتظامي جوڙجڪ ڪي پوءِ انگريزن بہ **1843**ع ۾ تقريباً جيئن جو تيئن قبول ڪيو ۽ پنهنجي سهوليت لاءِ ٿورڙي تبديلي آندائون. جيتوڻيڪ مغلن واري مجموعي انتظامي سرشتي ڪي ڪلهوڙن بہ قائم رکيو، پر ارڙهين صديءَ جي مقامي تقاضائن آهر اُن ۾ اڪثر تبديليون ۽ سڌارا آندائون. دلچسپ حقيقت اها آهي تہ محصولن ۽ خزاني جو سمورو بندوبست هندن جي هٿن ۾ هو، جا هڪ هٿي پوءِ بہ گهڻو وقت جاري رهي. مصنف لکي ٿو تہ ميان آدم شاهہ ڪان وٺي هندن ڪي اهميت حاصل هئي. ان ڳالهہ ڪي البت گهٽ سمجهيو ويو آهي تہ مدرسن جي نصاب ۾، عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ هندن جي پاٺشالائن ۾ برهمڻن (مذهبي اڳواڻن)، ڪترين (فوج)، ويشن (واپاري طبقن) ۽ شودرن (ڪارڪن) لاءِ جداگانہ نصاب پڻ پڙهايو ٿي ويو. مصنف ارڙهين صديءَ جي محصول جي طريقہ ڪار تي بہ عمدي طريقي سان روشني وڌي آهي. ان ڪان علاوه سنڌ جي حاڪمن جي قلات، بهاولپور، ملتان، جوڌپور، جيسلمير، ڪڇ، دهلي، افغانستان، مسقط، ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ ٻين سان لاڳاپن جو پڻ ڀرپور جائزو ورتو ويو آهي.

باب ڇهين ۾ مکيہ اميرن، عملدارن ۽ فوجي سربراهن جي زندگيءَ جو مطالعو پيش ڪندي هندو ڪامورن ۽ بالادست طاقتن جي ايجنٽن ۽ سفيرن بابت گفتگو ڪئي وئي آهي. ان ريت اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ڪهڙيون طاقتون اڻسڌيءَ طرح ڪلهوڙن سان گڏ سنڌ مٿان حڪمراني ڪري رهيون هيون.

ورندڙ باب ۾ سنڌ جي اقتصادي حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي. بنيادي ڪارخانا جهڙوڪر: زراعت، جانورن جي پرورش ۽ مڇي پالڻ، ان دَور جي اقتصاديات ۾ وڏي اهميت رکندا هئا. ننڍيون صنعتون: ڪپڙي جي اُڻت، ڪپهه جو سامان، نير، شورو وغيره به اقتصادي سرگرمين ۾ اهميت رکندڙ هيون. زراعت لاءِ آبپاشيءَ جو خوب بندوبست ڪيو ويو هو. ڪلهوڙن جي فراخدلانه زرعي پاليسيءَ سبب سنڌ ۾ جاگيردار طبقو پيدا ٿيو، جن اڳتي هلي زور وٺڻ سان پنهنجن محسنن سان اختلاف ڪيو، جن کين زمينون ڏنيون هيون. ائين تاريخ ۾ هر هنڌ ٿيندو آيو آهي، ان کي رڳو سنڌ تي لاڳو نه ڪرڻ کپي. مصنف فصلن ۽ باغن ۾ پيدا ٿيندڙ ميون جو به ذڪر ڪيو آهي ۽ اُن سان گڏ صنعتي مرڪزن جي فهرست پڻ ڏني آهي. درآمدي ۽ برآمدي شين سان گڏ واپاري رستن، بندرگاهن ۽ ميداني گذرگاهن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. وڌيڪ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته شڪارپور، بکر، ٺٽي ۽ حيدرآباد ۾ سڪن ٺاهڻ جا مرڪز موجود هئا.

مصنف اُن دَور جي ذاتين ۽ قبيلن جو پڻ جائزو پيش ڪيو آهي، جن ۾ بلوچ به هئا ته سنڌي به هئا. ان کان سواءِ هندن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌي قبيلا، باوجود مقامي هجڻ جي، ڪلهوڙن کان خاص رعايتن وٺڻ ۾ ناڪام ٿيا. ڪلهوڙن جي دَور ۾ سنڌي قبيلن کان دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ زمينون کسيون ويون. بعد ۾ حاڪمن اُهي پنهنجن مريدن کي ڏنيون، جن جو تعلق ديري غازي خان، ديري اسماعيل خان، سبي، ڪڇي ۽ ڏکڻ پنجاب سان هو. انڪري سنڌي قبيلن حاڪمن سان مهاڏو اٽڪايو، جي اصل ۾ مغلن کي ڍل ۽ ٽيڪس ڏيندڙ هئا. ڊاڪٽر لاکي درست طور تي نشاندهي ڪئي آهي ته اُهي بلوچي ۽ سرائڪي ۽ ڪجهه ٻين گروپن سان تعلق رکندڙ نسل هئا. حقيقت ۾ ڪجهه سرائڪي ڳالهائيندڙ نسلي طرح سان جاٽ طبقي جا ماڻهو هئا. اها ڳالهه درست آهي، ڇو ته ٻاهران ايندڙ نه ته سڀ بلوچ هئا ۽ نه وري بلوچي ڳالهائيندڙ هئا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته سبي، ڪڇي ۽ قلات جا ماڻهو، ديري غازي خان وارن کي بلوچ تسليم نه ڪندا هئا (تازو اڪبر بگٽي پڻ هڪ انٽرويو ۾ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي).

ٻولي، ادب ۽ تعليمي سرشتي سان گڏ اُن دَور جي نصاب تي به لکيو ويو آهي. مصنف لکي ٿو ته عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ "سنڌي ٻولي" به پڙهائي ويندي هئي. ان ريت اها راءِ غلط ثابت ٿئي ٿي ته سنڌي زبان کي مڪتبن ۾ انگريزن آندو هو. ليڪن اها به هڪ حقيقت آهي ته **1853**ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر ۽ سندس ساٿين سنڌي زبان جي رسم الخط کي "معياري" بنائڻ ۾ دلچسپي ورتي هئي. عربي، فارسي ۽ سنڌي ڄاڻندڙ اُستادن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ڪي نيون حقيقتون به سامهون آيون آهن. اُن سان گڏ ڪجهه عربي، فارسي ۽ سنڌي مصنفن ۽ اُنهن جي تصنيفن کان علاوه جائزي هيٺ دَور جي ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جو مختصر مگر جامع اڀياس پڻ مهيا ڪيو ويو آهي.

آخري باب ۾ ڪلهوڙن جي تعميرات جو مختصر مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. ڪي سال اڳ مون به اهڙا يادگار ڏٺا هئا ۽ ميداني مطالعن (فيلڊ اسٽڊي) جي آڌار تي **729** واهن جي فهرست مرتب ڪئي هئي، جي ڪلهوڙن جي دَور ۾ وجود ۾ آيا هئا. ڪجهه واهه ٽالپرن جي زماني ۾ به کوٽايا ويا هئا. اهڙا اڪثر واهه بعد ۾ برٽش دَور جي نئين آبپاشي سرشتي ۾ شامل ڪري اُنهن کي نئون وجود ڏنو ويو. ميداني مطالعا وڌيڪ تحقيق لاءِ راهون هموار ڪري سگهن ٿا.

منهنجي راءِ آهي ته هيءُ ڪتاب يا ٿيسز اصل ۾ "پيار جو پورهيو" (Labour of Love) آهي ۽ بهترين تحقيق جو هڪ جرڪندڙ نمونو آهي. منهنجي خيال ۾ ته اولهه جي ملڪن ۾ پنجن سالن اندر، هن موضوع تي جداگانه تحقيق ٿيندي ۽ هر باب تي الڳ ڪتاب تيار ڪيو ويندو. ارمان آهي ته اسان وٽ سنڌ ۾ متوازن ۽ مدلل ۽ محنتي ماڻهن جي کوٽ آهي، جن وٽ ڪتاب، ذريعا، جذبا ۽ جديد ذهن هجن. منهنجي تجويز آهي ته وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ فيلڊ ورڪ به ٿيڻ کپي ته جيئن نسل درنسل منتقل ٿيندڙ ڄاڻ گڏ ڪري سگهجي ۽ ضايع ٿيڻ کان بچي سگهي. ڪتاب جي آخر ۾ **176** (اردو، سنڌي، فارسي ۽ انگريزي) ڪتابن جي فهرست ڏني وئي آهي، جن مان ڪجهه ته پهريون ڀيرو ڪلهوڙن جي تاريخ مرتب ڪندي استعمال ڪيا ويا آهن. اُن سان گڏ حاڪمن جي شجري کي به وڌيڪ درست ۽ مڪمل ڪري پيش ڪيو ويو آهي. آخر ۾ لاڳاپيل دور بابت ڇٽيهه عدد تصويرون ۽ نقشا به ڏنا ويا آهن، جنهن سبب ڪتاب جي اهميت ۾ واڌارو ٿيو آهي.